...(Main) Exam : 2014



# SINDHI

## (Arabic)

## ( COMPULSORY )

*Time allowed : **Three Hours***

*Maximum Marks : 300*

---

### QUESTION PAPER SPECIFIC INSTRUCTIONS

***Please read each of the following instructions carefully before attempting questions :***

*All questions are to be attempted.*

*The number of marks carried by a question is indicated against it.*

*Answers must be written in* **SINDHI (Arabic script)** *unless otherwise directed in the question.*

*Word limit in questions, wherever specified, should be adhered to and if answered in much longer or shorter than the prescribed length, marks may be deducted.*

*Any page or portion of the page left blank in the Question-cum-Answer Booklet must be clearly struck off.*

---

سوال ١ - هيٺين مان ڪنهن به هڪ وشيه تي اٽڪل 600 لفظن ۾ مضمون لکو :- 100

(الف) راڄنيتي ۾ عورتن جو رول.

(ب) ڇا پارت کي چين جي آرٿڪ اُنتيءَ کان ڊڄڻ کپي؟

(ب) پارتيه سماج ۾ طلاقن کي قبول ڪرڻ ۾ تيندڙ واڌ.

(ب) ڇا سخت قانون ذريعي نيتڪتا برپا ٿي سگھندي؟

سوال 2 - هيٺ ڏنل ٽڪرو ڌيان سان پڙهو، ۽ پوءِ اُن جي هيٺان ڏنل سوالن جا جواب پنهنجي ٻوليءَ ۾ صاف ۽ ٿڪ لفظن ۾ لکو :-

60 = 5 × 12

عالمي سطح تي انسان جي لڏپلاڻ گهٽيئي صديون اڳ شروع ٿي، جڏهن ماڻهن گهڻن ئي سببن ڪري ٽولين جي روپ ۾ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي طرف وڃڻ شروع ڪيو، - جيئن ته چاري جي ڳولها ۾ آباد زمين جي تلاش ۾ وڃڻ، ظلمن ۽ عذابن کان پاڇي ٺڪرڻ، ويچارن ۽ وشواسن جي آزادي چاهڻ، يا فقط گهمڻ ڦرڻ جي شوق ڪري جداجدا هنڌن تي وڃڻ. لڏي ايندڙ ماڻهو پنهنجي سانسڪرتڪ وراثت پاڻ سان کڻي آهن تا ۽ اُن کي مارگ تي يا نئين رهائشي بستيءَ ۾ وڪست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. لڏپلاڻ جي مارگ تي آهي

اُن بعد پرائين يادگيرين يا سنبنڌن جو نالو نشان گم ٿي ويو هو.
شايد هڪ صدي گذرڻ بعد، اهو جيئن سگهجي ٿو ته دنيا جا
ماڻهو پنهنجي آڳاٽن رهائشي علائقن جا سنبنڌ به مشڪل
سان ياد رکي سگهندا. توهين جيئن رهو ٿا، اُهو علائقو پوءِ
توهان جو بڻجي ويو هو. پوءِ توهين اُنهيءَ نئين بستيءَ
جي ماحول جي پيٽ ۾ هري ٿا ويو. مڪاني ماڻهو عالمي ماحول
۾ سمائجي ٿا وڃن. اهڙا ماڻهو تمام ٿورا وڃي بچندا جيڪي
پنهنجي آڳاٽي سڃاڻپ قائم رکي سگهندا. نئين ويوستا هر هنڌ
کي پنهنجو نئون روپ ڏيئي ڇڏيندي. اڄ عالم نئون پيڙهيون
هميشه پوئين طرف ڏسنديون رهن ٿيون. اُنهن ۾ گم ٿيل پنهنجي
پرائي سڃاڻپ کي ياد رکڻ جي پاونا نه رهي آهي. عجب انسان
يا عجائب سنسڪرتي گهڻي وقت تائين پنهنجو الڳ وجود قائم
رکي نه سگهندي. مرڪز ڏانهن ڇڪيندڙ يا مرڪز کان پري هٽائيندڙ
طاقتون عجيب وقت جاري رهنديون. هزارين پيڙهين پرماتما
کان اها دعا گهري هوندي ته هُنن جي سماج ۾ اهڙا شخص
پيدا ٿين جيڪي ڌارين آڌرن کان آجا هجن. پر آسان کي اها
به ڄاڻ آهي ته اهو عجيب ناممڪن آهي. انسان چاهي عجيب
نه الڳ يا آزاد رهڻ چاهي، پر ڪيس ٻئي جو سهارو وٺڻو پئي

پوي ٿو. هر جاندار جي پيدائش جا جزا (جينس)، ڊي-اين-اي
۽ آر-اين-اي پاڻ ۾ اڳ ۾ ئي پختا بدل آهن. هرهڪ نسل کي
معلوم آهي ته هن کان اڳ ڇا ٿيو آهي؟ شريڪ، من ۽ آتمائي
بين جو آخر پورو لازمي آهي. آٽمجاٽائي ۾ مان ذپ پيدا ٿئي
ٿو، ذپ مان نفرت پيدا ٿئي ٿي، نفرت مان آتم-وشواس ناس
ٿي وڃي ٿو، ۽ اهو انسان کي گرائڻ ۽ موت ڏانهن وٺي وڃي ٿو.
گهٽيءَ ٿي پراچين سڀيتائن ۽ سنسڪرتين جو آڳاٽي زماني ۾
ان طرح اَنت ٿيو هوندو. زندهه رهڻ لاءِ هرهڪ شخص کي
ٻئي کي اپنائڻو ٿي پوندو، نه ته پورو ڇاهي اهو ٻيو دوزخ ۾
چو نه هاڄي؟

سوال :- (الف) لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهو، نئين رهائشي علائقن
جي ماڻهن سان ڪيئن ٺهڪي ۽ هلي سگهن ٿا؟ 12

(ب) پراچين حال ۾ لڏپلاڻ جا ڪهڙا سبب هئا؟ اهي اڄ
ڪالهه واري زماني ۾ لڏپلاڻ جي سببن کان الڳ قسم
جا ڪيئن آهن؟ 12

(ب) جدا جدا سنسڪرتيون پاڻ ۾ ڪيئن گڏجي وڃن ٿيون؟
12

(پ) پراچين سنسڪرتين جو اَنت ڪيئن ٿيو هوندو؟
12

(ٻ) ليکڪ ائين ڇو ٿو چوي ته ڪنهن به سنسڪرتيءَ
جو الڳ رهڻ ممڪن نه آهي؟
12

سوال 3 - هيٺ ڏنل تحرير جو سارُ انهيءَ جي اٽڪل هڪ ٽهائي حصي ۾ لکو. انهيءَ تحرير جو سرو لکڻ جي ضرورت نه آهي.

60

جڏهين اسين ڪنهن نوڪريءَ لاءِ عرضي لکون ٿا، تڏهين اسين گهڻو ڪري پنهنجيءَ لياقت، آزمودي وغيره جون سٺيون ۽ شفي ڳالهيون بيان ڪريون ٿا. گهڻيئي ماڻهو عرضي لکندي پنهنجي زندگيءَ جي اوڻاين، مشڪلاتن وغيره کي لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ فقط پنهنجين حاصلاتن ۽ گڻن جي واکاڻ ڪندا آهن. نوڪريءَ ۾ رکندڙ شخص جڏهن اهڙيون عرضيون پڙهندا آهن، تڏهن اهو محسوس ڪندا آهن ته هر ڪو عرضي ڪندڙ پاڻ کي هڪ مهان شخص جي روپ ۾ پيش ڪري رهيو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ راندين جي جڳت مان هڪ حقيقي واردات جو هتي ذڪر ڪجي ٿو. هڪ يونيورسٽي فوٽ بال ٽيم پاڻ کي چست ڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ جو اڀياس ڪري رهي هئي. هڪ رانديگر کي لاٺين مڙڻ جو ڪم مليل هو. اهو فوٽ بال ٽيم ۾ سڀني ۾ تيز ڊوڙندڙ هو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي ڪوچ وٽ ويو ۽ کيس عرض ڪيائين ته جيڪي تيز ڊوڙندڙ رانديگر آهن، تن سان هو ڊوڙڻ جي چٽاڀيٽي ڪرڻ چاهي ٿو. ڪوچ کيس خوشيءَ سان اها اجازت ڏني.

لاڙيءَ ۾ هر روز ڊوڙ ۾ شامل ٿيندو هئو، پر هر دفعي هو سڀني کان ڊوڙ ۾ آخر ۾ رهندو هئو. ان طرح هو هر روز هارائيندو هئو. ٻوچ کي انهيءَ تي عجب لڳو، هن پاڻ کان سوال ڪيو ته هيءُ لاڙيءَ مٿي هر روز ٿيز ڊوڙندڙن سان شامل ٿيڻ چاهي ٿو، پر هر دفعي سڀني کان پٺتي رهجي ٿو. آخر هڪ ڏينهن هن کان پڇيائين، "توهان اهو پسند ڇو نٿو ڪريو ته بين لاڙين ۾

سان گڏ ڊوڙيو ۽ ڊوڙ ۾ پهريون نمبر اچو؟"

ٻوچ کي جڏهن فوٽ بال راند ڪندڙ جيڪو جواب ڏنو تنهن کيس عجب ۾ وڌو. هن ورائيو، "مان هيءَ ڊوڙ ۾ ان ڪري حصو نٿو وٺان ته مان سڀني کان اڳتي پهچي ڊوڙ ۾ کٽان. مون کي خبر آهي ته مان پهريون نمبر اچي سگهان ٿو. پر مان هيءَ فقط ان ڪري ڊوڙان ٿو ته مان تيز ڊوڙڻ جو اڀياس ڪريان. توهان ڏٺو هوندو ته مان هر روز فقط ٿوري ٿوري مفاصلي تان ڊوڙ ۾ هارائيندو آهيان. مان چاهيان ته پهريون نمبر اچي سگهان ٿو."

هن مثال مان اسان کي آتمڪ اُنتيءَ جو رهسيه سمجهڻ گهرجي. دنيوي ڪمن ۾ اسين سڀني کان اڳتي ۽ "بهترين نمونو" ٿيڻ چاهيندا آهيون. پر آتمڪ اُنتيءَ جي مارگ ۾ اسين پرماتما جي اڳيان پاڻ کي لڪائي نٿا سگهون. اسان جي اُنتي پرماتما جي اڳيان هڪ ٻليل

ڪتاب آهي. آتمڪ اُنتيءَ جو دارو مدار اسان جي ايمانداريءَ
سان ڪيل ڪوشش تي مدار رکي ٿو. اسين پنهنجي آتمڪ لاڀ
يا هاڃيءَ جي ساڃاهي برهما کان لڪائي نه سگهنداسين.

فوٽ بال جي رانديگر کي معلوم هئڻ ته هو ماضيءَ ۾ حاصل
ڪيل پنهنجي ڪاميابين جي آڌار تي هاڻي ڪو سُڌارو نه ڪري سگهندو.
هن کي معلوم هئڻ ته هو پاڻ کي چٽائڻ ڪري اُن جي آڌار تي ئي هاڻي
سڌارو ڪري سگهندو. پنهنجين ڪمزورين کي ڌيان ۾ رکندي، هاڻي
هو انهن کي سُڌاري سگهندو. فوٽ بال رانديگر اهو جاچيو ڏٺي ته
ٻيا رانديگر ڇا ٻيا ڪن؟ انهن کي جاچيندي هو پنهنجي ڪمين
کي دور ڪري، لياقت کي وڌائي سگهندو. ان طرح ڪيڏ بدني، هو هر روز
ٿوري مفاصلي تان ڇائي واڌ هارائيندو رهيو. اسين جڏهن پنهنجين
ناڪاميابين ڏانهن نهاريون ٿا، تڏهن اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته
ڪامياب ٿيڻ لاءِ اسان کي هر روز ڇا ڪرڻ گهرجي. ان طرح آخر
اهو ڏينهن ايندو، جڏهن اسان جون ناڪاميابيون سڀ ختم
ٿي وينديون ۽ اسان مڪمل طور ڪامياب ثابت ٿينداسين.

سوال 6 - (الف) هيٺ ڏنل پهاڪن جي معنيٰ لکو ۽ پوءِ اهي
جملن ۾ ڪتب آڻيو:-

15

(i) مينهن پٺاڻي ڪارنهن ڏسي ڪانءُ،
ڳانڍي ڪي جوءِ ته هلڻ پاڇ ڪاري!

(ii) گدڙ ڊاک نه پڄي، آکي ٿو ڪٽا.

(iii) اڪر نه ڪٽي، مڪر ڪٽي.

(iv) ڏکه سکن جي سونهن، گهوريا سکه ڏکن ري

(v) لولي چڱيا ڪتڻ ڪان، ناچڻ لگس بار.

(ب) هيٺ ڏنل محاورن جي معنيٰ لکو ۽ پوءِ اهي جملي ۾
ڪتب آڻيو:-

15

(i) پيٽ تي لت ڏيڻ

(ii) اک پڄڻ

(iii) اميد وارِ هئڻ

(iv) آنڊي نيڻدي ٿي هئڻ

(v) هٿ وڏا هئڻ

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جون صفتون (وشيشڻ) لکو:- ۱۵

(i) جبل

(ii) بحري

(iii) ريڇ

(iv) آتما

(v) روح

(پ) هيٺ ڏنل لفظن جي اسم ذات (ڀاو واچڪ سنگيا) لکو:- ۱۵

(i) سائو

(ii) انسان

(iii) شريف

(iv) وڏڙو

(v) گهٽجڻ